SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 2004

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 2004

# سنڌ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز (ترميم) آرڊيننس، 2004

# THE SINDH DOW UNIVERSITY OF HEALTH SCIENCES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Section)
1. مختصر عنوان اور شروعات
Short Title and commencement
2. 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 4_A جي داخلا
Insertion of section 4_A Sindh Ordinance No. VI of 2003
3. 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 Sindh Ordinance No. VI of 2003
4. 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 22 جي ترميم
Amendment of section 22 Sindh Ordinance No. VI of 2003
5. 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 44 جي ترميم

Amendment of section 44 Sindh Ordinance No. VI of 2003

.6 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 44_A جي داخلا

Insertion of section 44_A Sindh Ordinance No. VI of 2003

.7 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي شيڊول جي ترميم

Amendment of Shedule to Sindh Ordinance No. VI of 2003

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 2004

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 2004

# سنڌ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز (ترميم) آرڊيننس، 2004

# THE SINDH DOW UNIVERSITY OF HEALTH SCIENCES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

[11 مارچ 2004]

هڪ آرڊيننس جنهن جي ذريعي ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2003 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2003 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، ان ڪي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | | |
|---|---|---|
| .1 | (1) هن آرڊيننس کي ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز (ترميم) آرڊيننس، 2004 سڏيو ويندو.<br>(2) هيءُ فوري طور ٿيندو ۽ هيءُ 29 ڊسمبر 2003 کان لاڳو سمجهيو ويندو. | مختصر عنوان اور شروعات<br>Short Title and commencement |
| .2 | ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز آرڊيننس 2003 ۾، ان کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي، دفعہ 4 کانپوءِ، هيٺ ڄاڻايل کي داخل ڪيو ويندو:-<br>"4_A يونيورسٽي جو دائرو اختيار-<br>(1) يونيورسٽي هن آرڊيننس جي ذريعي يا ان جي تحت ان کي عطا ڪيل اختيارن جو استعمال علاقائي حدن جي اندر ۽ ادارن جي حوالي سان ڪندي، جيئن گورنر بيان ڪيو آهي:<br>بشرطيڪ حڪومت، يونيورسٽي جي صلاح سان، عام يا خاص حڪم جي ذريعي، اهڙي علائقائي حدن يا ادارن جي حوالي سان يونيورسٽي جي ڄاڻايل مٿين اختيارن جي حد ۽ دائره ڪار ۾ ترميم ڪري سگهي ٿي<br>(2) يونيورسٽي جي علائقائي حدن ۾ واقع هيلٿ سائنسز جو ڪو تعليمي ادارو، يونيورسٽي جي رضامندي ۽ حڪومت جي منظوري کانسواءِ، ڪنهن بہ ٻي يونيورسٽي جي سهولتن سان گڏ ڪنهن بہ طرح لاڳاپيل نہ هجي يا ان ۾ داخلا حاصل نہ ڪندو.<br>(3) يونيورسٽي مقرر شرطن جي تحت پنهنجي مراعتن ۾ داخلا وٺي سگهي ٿي، هڪ تعليمي ادارو جيڪو ڪنهن ٻي يونيورسٽي جي علائقائي حدن ۾ اچي ٿو، پلي اهو پاڪستان جي اندر هجي يا ٻاهر، بشرطيڪ اهڙي ٻي يونيورسٽي جي | 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 4_A جي داخلا<br>Insertion of section 4_A Sindh Ordinance No. VI of 2003 |

| | |
|---|---|
| 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 8 جي ترميم<br><br>Amendment of section 8 Sindh Ordinance No. VI of 2003 | رضامندي پهريان حاصل ڪئي وڃي.“<br>3. چاٽايل آرڊيننس ۾، دفعہ 8 ۾، شق (XIX) ڪانپوءِ چاٽايل ڪي شامل ڪيو ويندو:۔<br>”(XX) ڊائريڪٽر آف ريسرچ؛<br>(XXI) ريسرچ آفيسرز؛<br>(XXII) برسر؛ ٻيا<br>(XXIII) اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي ريگيوليشنز جي ذريعي مقرر ڪيا ويا آهن آفيسر ٿيندا:۔ |
| 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 22 جي ترميم<br><br>Amendment of section 22 Sindh Ordinance No. VI of 2003 | 4. چاٽايل آرڊيننس ۾، دفعہ 22 ۾، شق (IV) ڪانپوءِ، هيٺ چاٽايل ڪي داخل ڪيو ويندو:۔<br>”(IV_A) سيڪريٽري حڪومت سنڌ، صحت کاتو“ |
| 2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 44 جي ترميم<br><br>Amendment of section 44 Sindh Ordinance No. VI of 2003 | 5. چاٽايل آرڊيننس ۾، دفعہ 44 ۾ لفظن ڪانپوءِ "حلقہ ڪاليج ۾" جا الفاظ شامل ڪيا ويندا. |

2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي دفعہ 44_A جي داخلا

Insertion of section 44_A Sindh Ordinance No. VI of 2003

6. ڇاٽايل آرڊيننس ۾ دفعہ 44 کانپوءِ هيٺ ڇاٽايل کي داخل ڪيو ويندو:_

"44_A ان جي باوجود تہ هتي ڪجهہ بہ شامل آهي :_

(a) يونيورسٽي جو ڪو بہ آفيسر، استاد يا ٻيا ملازم بطور چانسلر عوامي مفاد ۾ سڏو سنئون، عوامي دلچسپي جي تحت ڪنهن بہ عهدي تي سڌي سنئين خدمتون انجام ڏئي سگهي ٿو، حڪومت يا ڪنهن ٻي يونيورسٽي يا ڪنهن تعليمي يا تحقيقي اداري جي تحت ڪنهن بہ عهدي تي خدمتون انجام ڏئي سگهي ٿو:

بشرطيڪ استاد جي معاملي ۾، هدايت جاري ڪرڻ کان پهريان سنڊيڪيٽ سان مشورو ڪيو ويجي؛

(b) چانسلر، عوامي دلچسپي، يونيورسٽي ۾ ڪنهن بہ عهدي کي گورنمينٽ يا ڪنهن ٻي يونيورسٽي يا ڪنهن تعليمي يا تحقيقي اداري جي ملازم جي مقرري جي ذريعي ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو:

بشرطيڪ استاد جي معاملي ۾، هدايت جاري ڪرڻ کان پهريان سنڊيڪيٽ کان مشورو ڪيو ويجي؛

2003 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VI جي شيڊول جي ترميم

Amendment of Shedule to Sindh Ordinance No. VI of 2003

7. ڇاٽايل آرڊيننس ۾، شيڊول ۾، ذيلي شق (1) جي لاءِ شق_1 ۾ داخل ڇاٽايل کي تبديل ڪيو ويندو :_

(1) يونيورسٽي ۾ داخل ڇاٽايل فيڪلٽيز شامل هونديون:_

a. بنيادي طبي علوم جي فيڪلٽي؛

b. طب ۽ دندان سازي جي فيڪلٽي؛

c. نرسنگ ۽ پيرا ميڊيڪل سائنسز جي فيڪلٽي؛
d. حياتياتي علم جي فيڪلٽي؛
e. فارماسيوٽيڪل سائنسز جي فيڪلٽي؛
f. هيلٿ مينجمينٽ جي فيڪلٽي؛
g. سرجري جي فيڪلٽي؛
h. ڪميونٽي هيلٿ سائنسز جي فيڪلٽي؛
i. بائيوميڊيڪل انجنيئرنگ جي فيڪلٽي؛ ۽
j. الائيڊ سائنسز جي اهڙي ٻي فيڪلٽيز جيڪا قانون جي ذريعي تجويز ڪئي وئي آهي.“

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**